ڪبير جي چونڊ شاعري

(انڊي کنڊ جي مشهور وحدت الوجودي شاعر
ڀڳت ڪبير جي چونڊ شاعري، جنهن ۾ خدائي
جمال فطرت جون حسناڪيون، انسان جون
باطني ڪيفيتون ۽ صوفياڻيون سرمستيون،
سٽ سٽ ۾ رقص ڪري رهيون آهن.)



سنڌيڪار
امان شيخ

Sindhica
سنڌيڪا

ڪبير جي چونڊ شاعري

(ننڍي ڪنڊ جي مشهور وحدت الوجودي شاعر ڀڳت ڪبير جي چونڊ شاعري، جنهن ۾ خدائي جمال فطرت جون حسناڪيون، انسان جون باطني ڪيفيتون ۽ صوفيا ٽيون سرمستيون، سِٽ سِٽ ۾ رقص ڪري رهيون آهن.)

سنڌيڪار

امان شيخ

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر

123

ڇپائيندڙ جا سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ

ڇهون ڇاپو : 2014ع

ڪتاب جو نالو : ڪبير جي چونڊ شاعري

سنڌيڪار: امان شيخ

ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عبيدالله ميمڻ

ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي

ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

قيمت : 100/- رپيا

Kabeer Jee Choond Shairi

(Selection from Poetry of Bhagat Kabeer)

Translated by: Aman Shaikh

Published by: Sindhica Academy,

B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400

استاڪسٽ

سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021_32737290

سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150-

سنڌيڪا بوڪ شاپ 19 بلديه پلازه گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: 03352233803- 03013431537

العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521، 0300_343115

ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گھر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور، سنڌ ڪتاب گھر نيم ڪي چاڙهي سکر- سلمان ڪتاب گھر پنوعاقل - ڀٽائي بوڪ هائوس حيدرآباد03223011560 - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو- حافظ بوڪ اسٽور، خيرپور بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - مشعل ڪتاب گھر پڊعيدن 03063291657 - المهراڻ ڪتاب گھر، زاهد بوڪ ڊيو، سانگھڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ديدار بوڪ ڊيو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 0300-3319565، عطار ڪتاب گھر، بدين، مهراڻ ڪتاب گھر، عمرڪوٽ، حافظ ڪتاب گھر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گھر، مورو، وسيم ڪتاب گھر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گھر، ڪوندي ميهڙ 0346-8948535 ، مڪتبه امام العصر گھوٽڪي، 03033695037

لکپڙهه لاءِ

سنڌيڪا اڪيڊمي

B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400

فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org

اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

فهرست

پبلشر نوٽ نور احمد ميمڻ 7
ٻه ٽي اکر امان شيخ 9

نفس 11
گيان 12
نوڙت 13
حق حقيقت 14
ڪنهن کي ٿو پُوڇين! 19
قدرت 19
حق موجود 21
وڪر سو وهاءِ 23
نانءُ 25
معرفت 28
تجربو 29
هڪ ئي نظر 31
ڀڳتي/ولايت 32
محبت 34
ذڪر ۽ فڪر 38
خدا تي ڀروسو 39
هجر ۽ وصال 40
دعا ۽ وينتي 43
موت ڪان پوءِ 44
تلاش 48
ٻڌتر 49
روايتي طور 52
اڻ ڏٺي جو عشق 53
عاشق عميق جو 54
وچين واٽ 56
سوريءَ سڏ ٿيو 57
عورت جي وفا 58
جڳاڙي مرشد 61
ڀلي مٽيءَ وارا ماٺهو 62
خراب مٽيءَ وارا ماڻهو 64

چڱن جي صحبت............. 65
بڇڙي صحبت.................. 66
ٻانهپ........................ 67
ويس 68
هشياري....................... 69
نصيحتون...................... 70
ڪروڌ 72
لوڀ 73
چاهت 74
معتبرائپ...................... 75
ڪپت 76
اميد 77
سڏون........................ 78
نند 79
ٺوڪ.......................... 80
ڌن ۽ دولت 81
شرافت........................ 82
غصو......................... 83
فياضي 84
ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن
ڏسي.......................... 85
موت کان مٿانهون مالڪ........ 86
عجب جهڙو آهي............... 87
سمجهو ڪي سمجهن 88
هنڌين ماڳين هُو 90
قدرت جا ڪيل نرالا............ 91
سائينءَ تان صدقي 92
ها هُو چڙي ڏي.............. 94
امرپور 95

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ ترجمي جو هي پورهيو

سائين غلام حسين رنگريز

(اڳوڻو سيڪريٽري جنرل سنڌي ادبي سنگت سنڌ)

ڏانهن منسوب ڪريان ٿو.

جنهن جي هڪ ٿي ڪچهري مون کي نِم جي ڇانوَ

جيان محسوس ٿي هئي.

امان شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Soorih Mirani

پبلشر نوٽ

ڀڳت ڪبير ننڍي کنڊ جي وحدت الوجودي فڪر جو نمائنده شاعر آهي، ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي مذهب جي نالي تي ڪروڙ ۽ قتلام کان بچائڻ لاءِ ڪين وحدت جي لڙيءَ ۾ پوئڻ جون جيڪي ڪوششون ٿيون، انهن ۾ علمي ۽ فڪري طرح ڀڳت ڪبير جي شاعريءَ جو وڏو مقام آهي. ان جي شاعري مذهبي تنگ نظري، تعصب ۽ شدت پسنديءَ کي قبولڻ لاءِ تيار ڪونهي. اهي ئي ڪوششون آهن جنهن ڪري ننڍي کنڊ جي ساڃاهه هينئر بہ تنگ نظري ۽ تعصب جي انهن قدرن سان پاڻ کي ڳنڍڻ لاءِ تيار ڪونهي.

هينئر بہ هنن صوفي مفڪرن جي تعليم کي عام ڪري نہ صرف ننڍي کنڊ ۾ انساني وحدت جا امڪان پيدا ڪري سگهجن ٿا، بلڪ عالم انسانيت جي وحدت جا چشما ڦٽائي سگهجن ٿا. انهيءَ ڪري هن دؤر جي اٽل ضرورت آهي تہ موجوده ۽ ايندڙ نسلن کي انساني وحدت، محبت ۽ رواداريءَ جي هھڙي تعليمات کان آگاهہ ڪري انهن جي انسان دوستيءَ واري سوچ ۽ فڪر کي يونيورسل بڻايو وڃي.

ڀڳت ڪبير کان وٺي ڪري ٽئگور تائين ۽ ايڇ جي ويلز کان وٺي آرم اسٽرانگ تائين دنيا جا سڀ ڏاها ۽ عالم وحدت انسانيت جي فڪر لاءِ مذهبي رواداريءَ جي ان روح کي وري بيدار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏين ٿا جيڪا منڍ کان وٺي آسماني ڪتابن جو امتيازي نشان رهي آهي. آسماني ڪتابن ۾ ٻڌايل رواداريءَ جي ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح کي مذهبن جي پوئلڳن جهڙي ريت مسخ ڪري پنهنجون دڪانداريون چمڪايون آهن. انهيءَ جي نتيجي ۾ هڪ طرف انسانيت وڏو پوئتي پيو آهي ۽ ٻئي طرف انهن پوئلڳن جي ڪري هيٺين قومن جا نوان نسل مذهبن جي دعويدارن کان اهڙو ته ڀڄڻ لڳا آهن جو انهن انهيءَ خار ۽ بيزاريءَ ۾ مذهبن جي اصل روح ۽ نالي ماتر پيشوائن جي پيش ورانه ريت ۾ فرق به نه رکيو آهي. اهو ئي الميو اسان جي سوسائٽيءَ جو آهي جو جڏهن کان اسان جي هر سياسي ۽ سماجي فڪر جو محور خدا بيزاريءَ کي بڻايو ويو آهي، تڏهن کان اسان جي داخلي ۽ خارجي زندگيءَ جي سڀني پهلوئن تي ويڳاڙپ ۽ زوال جي صورتحال آهي. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ جي به رڳي هڪ ئي صورت آهي ته اسان عالمي مذهب جي انهن سرچشمن مان سيراب ٿيون. جيڪي اسان کي مذهبن جي اصل روح کان واقف ڪن ٿيون ۽ خدا پرستيءَ جو اهڙي رستي کان آگاهه ڪن ٿيون جيڪو لازمي طرح انسان دوستيءَ کان گذري ٿو جنهن ۾ سڀ ماڻهو الله جا ٻاتي آهن. سڀ ماڻهو احترام ۽ عظمت لهڻن ٿا. مذهبن جي تعليم جا اهلي اصل جوهر اسان لاءِ واقعي آب حيات آهن. اسان کي اميد آهي ته ڪبير ڀڳت جو هي ڪتاب اسان جي نوجوانن جي رواداري ۽ انسان دوستيءَ واري اها علمي ۽ فڪري اُڃ اجهائڻ ۾ بيحد مددگار ثابت ٿيندو.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ٽي اکر

ڀڳت ڪبير جي چونڊ شاعري جي ترجمي جو شوق مون کي اڄ کان 14 سال اڳ جاڳيو هو جڏهن آءٌ ادبي دنيا جي منافقتن ۽ بدعتن کان واقف ٿيو هوس. تڏهن مون سمجهيو تہ اسان جي پٺتڪيل ۽ ويڳاڻپ ۾ ورتل ادبي لڏي کي انسانيت جو آفاقي وزڊم ئي بچائي سگهي ٿو.

مرحوم حاجي پير بخش شيخ (منهنجو نانو) کي ڀڳت ڪبير جو حافظ ڪري سڏيندا هئا. درويش صفت انسان هو ڪچهري جو ديوانو هوندو هو هر ڳالهہ ڪندي ڀڳت ڪبير جو حوالو ڏيندو هو اڪثر ڪري ،ڪيلائيءَ ۾ ڀڳت ڪبير جو هي شعر ترنم ۾ جهونگاريندو هو:

چوڏهن چنڊ هجن، منجهن چوهٺ ڏيئا ٻرن،
تنهن گهر ڪهڙو سوجهرو محب نہ جتي هجن.

سيني صوفين جي تعليم جو هڪ ئي بنيادي نقطو آهي. يعني وحدت، نفس ڪشي، مايا جي موهہ کان ڇٽڻ، ظاهر ۽ باطن ٻنهي ۾ خدا جي وڏائيءَ جو قائل ٿيڻ وغيره. مون ڪبير، ميران، گرونانڪ، سچل، سامي ۽ ڀٽائيءَ کي هڪ ئي پنڌ ۽ پيغام جو پانڌيئڙو ڏٺو.

ڀڳت ڪبير ڪير هو؟ سندس مذهب ڪهڙو هو ان ۾ آءٌ پوڻ ڪو نہ ٿو چاهيان، آءٌ ان ڳالهہ جو قائل رهيو آهيان تہ"چوي ٿو ان کي نہ ڏسو چا ٿو چوي، ان کي ڏسو." هونئن بہ ماڻهوءَ جي اندر کي سڃاڻڻ لاءِ ان جا لفظ ئي ڪافي هوندا آهن. منهنجي خيال موجب عاجزي نوڙت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي هن دنيا جو وڏي ۾ وڏو مذهب آهي.

ڀڳت ڪبير جي باري مليل تاريخن ۾ يڪسانيت نظر نٿي اچي. 1596ع ۾ لکيل آئين اڪبري ۾ ڪبير جو نالو هڪ فوت ٿيل ڀڳت طور ملي ٿو. ڪبير جو جنم 1398ع ۾ ٿيو. چيو وڃي ٿو تہ هن وڏي عمر ماڻي. سندس "ڪبير" نالو هڪ مسلمان قاضيءَ رکيو ڪبير سڪندر لوڌيءَ جو همعصر هو. سڪندر لوڌي 1494ع ۾ ڪاشي (موجوده بنارس) ۾ آيو هوءِ اتي اچي ڪبير جو هڪ يادگار جوڙايو هئائين. ڪبير جي ذات پات جي باري ۾ ڪو بہ پڪو ثبوت نہ ملي سگهيو آهي پر ٻڌايو وڃي ٿو تہ هو ڪنهن وڏوا برهمڻيءَ جو اڻلايل ناجائز ٻار هو جيڪو ڪوري ذات جي هڪ مسلمان عورت نيما ڪڻي پاليو هو.

ڀڳت ڪبير ڪڏهن بہ پاڻ کي هندو يا مسلمان ڪو نہ سڏرايو هو. هو هڪ ٻي ڍپو سماج سڌارڪ هو. ڪبير لکت ۾ ڪجھ بہ نہ آندو. سادگيءَ ۽ قناعت جي پرچار ڪندو هو.

ڀڳت ڪبير جي هن دنيا مان لاڏاڻي بعد سندس مسلمان ۽ هندو پرستارن ۾ هن جي ڪريا ڪرم لاءِ ڇڪتاڻ ٿي پئي. مسلمانن کيس دفنائڻ پئي چاهيو ۽ هندن کيس ساڙڻ پئي چاهيو. چيو وڃي ٿو تہ سندس لاش ڦري گلن جو ڍير ٿي پيو. جيڪو ٻنهي اڌو اڌ ڪري ڪنيو.

آخر ۾ آءٌ پنهنجي مهربان سائين يوسف سنڌيءَ جو انتهائي شڪر گذار آهيان. جن نہ صرف منهنجي همت افزائي ڪئي پر مسودو سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ بہ منهنجي بي انتها مدد ڪئي. آءٌ سندس اهي وڙ ڪڏهن بہ لاهي ڪو نہ سگهندس.

ڪتاب جي ترجمي جي ٻوليءَ جو ڪاٿو پڙهندڙ ئي ڪري سگهن ٿا ۔ سندن راءِ جو دل سان احترام ڪيو ويندو.

امان شيخ

خيرپور ميرس

17 جولاءِ 2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفس

نفس جي چوڻ تي متان هلين، نفس ته پانت پانت جون ٻوليون ٻولي ٿو.
جنهن نفس کي قابو ڪيو، ان جهڙو اعليٰ ساڌو ڪو ڪو هوندو آهي.

❖

مان مرڻ مري وڃان ته به هر ڪجي پنهنجي جند لاءِ ڪجهه نه گهرندس.
پر ٻين جي ڀلائيءَ واسطي گهرڻ ۾ ڪو به عار محسوس نه ڪندس.

❖

گيان

ادي دل! هر ڪم هوريان هوريان ٿيندو آهي. مالهي وڻ کي پلي ته سوين دلا پاڻي ڏيندو رهي، پر ميوو ته مُند اچڻ تي ئي ٿيندو.

جڏهن "مان" ۽ "منهنجو" احساس ختم ٿيندو، تڏهن ڪو ٻيو يعني خدا ايندو.

جڏهن اهو يقيني ٿيندو، تڏهن ئي سندس ويجهڙائي نصيب ٿي سگهندي.

❖

نوڙت

نوڙت وارو ماڻهو سڀني کي ڏسندو آهي، (هر ڪنهن جو پاڻي ڪڇي وٺي ٿو) ڪيس ڪو به ناهي ڏسندو.
نوڙت ڪيتري نه سٺي شيءِ آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي ديوتا بڻائي ڇڏي ٿي ۽ هو اکين کان اوجهل هوندي به سڀ ڪجهه ڏسندو آهي.

❖

نوڙت، غريبي، بندگي، هنن سڀني جي لاءِ دل وڏي هئڻ گهرجي.
ڪبير چوي ٿو ته: وڏو ماڻهو اهو ئي آهي جنهن جي دل ۾ خدائي سونهن وڏي هوندي آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق حقيقت

جيڪي گهرڻ ويا، سي جڻ تہ مري ويا۔ مئل ماڻهوئي گهرڻ ويندا آهن.
پر انهن کان اڳ اُهي مرندا آهن، جيڪي هوند جي باوجود بہ ڏيڻ کان انڪار ڪندا آهن.

❖

سچ جهڙي ڀي ڪا بہ رياضت ڪانهي، ڪوڙ جهڙو ڀيو ڪو بہ گناهہ ڪونهي.
جنهن جي مَن ۾ سچائي آهي، تنهن جي دل ۾ خود خدا يا گياني موجود آهي.

❖

اي سڄڻ! تون رسمي طرح آسمان جو آسرو ڇڏي ڏي ۽ پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏس.
پنهنجي اندر ۾ پالڻهار جي ڳولا ڪري دل جا وهم ۽ شڪ وساري ڇڏ. اڻ ڏٺي، جيڪو نالو پيو ڳنهي، تنهن لاءِ اهو سپني جيان ئي آهي.

ڪبير! جڏهن ديدار ڪري ورتو آهي، تہ پوءِ ڳٽپ ڳڻڻ لاءِ نالي جي ورد ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو. پوءِ تہ بي حساب فنا ۽ فدائيت آهي.

❖

سچايون اختيار ڪري مالڪ جي سامهون سچو رهہ، مالڪ کي سچائي وڻندي آهي. پوءِ ڀلي تون ڏگها وار رکائين يا متي کي پاڪي هٽي ڪوڙائي ڇڏين، وضح قطع جو مالڪ وٽ ليکو ڪونهي.

❖

اول الله عليم هو ۽ پنهنجي قدرت تي قائم هو. هن ڪان سواءِ ٻيو ڪو نہ هو.
ٻيو ڪيئن پيدا ٿيو-اي منهنجا سائين! اها مشيت آئون توکان پڇي رهيو آهيان.

❖

دل ۾ رحم ڪونهي، پر زبان تي علم ۽ معرفت جون ڳالهيون گهٽيئي ٻڌجن ٿيون.
اهڙا ماڻهو سهٽا ٻول ياد ڪري بہ جهنمَ جو ٻارڻ بنجندا.

❖

مون هڪ ئي لفظ ۾ سڀ ڪجهہ چئي ڇڏيو آهي ۽ سڄي معنيٰ تي ويچاري چيو اٿم.
"خدا جي اڻ ڳڻين صفتن جا مظهر بڻجو، عيش ۽ گناهہ ڇڏي ڏيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❖

انسان پاڻيءَ تي جڙيل پاڻيءَ جو ڦوٽو آهي، جنهن جي اندر هوا گهمي رهي آهي.
پوءِ به هو ڀانت ڀانت جون ٻوليون ٻولي ٿو، ڇو ته منجهس خدا جو نور موجود آهي.

❖

منهنجو سائين ته ”هڪ“ ئي آهي، ٻئي ڪنهن کي مالڪ مڃي نٿو سگهان.
جي ٻئي ڪنهن کي مالڪ مڃيم ته منهنجو سائين مون تي ناراض ٿي پوندو.

چئو تون، الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ،
اُوءِ تان توسين گڏ، سچڻ ساهه پساهه ۾.
(شاهه)
(سنڌيڪار)

❖

هو، جنهن جي نه شڪل آهي، نه ڪا شبيهه، جيڪو سراپا سونهن آهي.
(هو) جيڪو گلن جي خوشبوءِ ڪان به واس آهي. هو، ان جي حقيقت ته سونهن ۽ خوشبوءِ وانگر چانيل ۽ ڦهليل آهي.
”جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون“.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو سڄي سرير ۾ غير سرير بڻجي تخيل جي صورت ۾ رهي
ٿو. جنهن جو ظاهر ۾ نہ ڪو رنگ آهي ۽ نہ ڪو روپ.
هن جي ذات ڪائنات جي وسعتن ۾ هر پاسي سمايل آهي ۽
هن جي وشالتا جو ڪو انت ئي ڪونهي.

❖

هڙئي مهاتما (سنت) چئن ٻانهُن وارن ديوتائن جي پوڄا
پاٺ ۾ گمراهہ آهن.
ڪبير تہ اُن ذات کي ئي ياد ڪري، جنهن جي ٻانهُن جو
ڪو انت ئي ڪونهي.

❖

هو (منهنجو مالڪ) تہ اُهو آهي، جيڪو پيدائش ۽ موت کان
متانهون آهي.*
آئون پنهنجي اُن سپرين تان گهور وڃان، جيڪو ڪُل
جهانن جو پالڻهار ۽ نپائڻهار آهي.

❖

* لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ (نہ ڪنهن مان ڄائو آهي، ۽ نہ ڪنهن کي ڄڻيو اٿائين.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هن جي ڪا شڪل ڏسي سگهي ٿي ۽ نہ ئي هن جي ڪا صورت آهي، نہ هو ڪنهن تي ٻيٺل آهي ۽ نہ ئي هو ڪنهن تي آڌاريل آهي. هو (پالڻهار) تہ زمين ۽ عرش جي وشالتا ۾ رڳو سمايل ئي سمايل آهي.

جيڪڏهن هن کي اڪيلو چوان تہ سندس ڏس پتي کان ٻي وس آهيان ۽ جي چوان تہ (هو) ٻہ آهن، تہ اها دوئي ٿي پوندي.

ڪبير، گهڻي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ وڏي واڪي چوي ٿو تہ: "هو جيئن آهي، تيئن ئي آهي، سندس بيان لفظن ۾ ڪري ئي نٿو سگهجي."

❖

منهنجو تہ تون ئي تون آهين، ٻيو ڪو بہ ڪونهي.
جيڪو ڪنهن ٻئي جي "وائي" وات تي آڻي ٿو،
اُهو اسان جي "ڪرم" مان ڪونهي.
اهو ٻئي جي خاندان مان حرامي ٻار آهي.

❖

ڪنهن کي تو پُوڇين!

صفتن واري خدا کي يا صفتن کان خالي خدائن جي معرفت تو مڱين!
اسان جو ڏيان تہ انهيءَ ۾ آهي، جنهن جي صفتن جو ڪو انت ئي ڪونهي.

قدرت

جيڪو ڪجھ ٿئي ٿو الاهي امر سان ٿئي ٿو
(جڏهن امر ٿئي اُن کي)
هو (پالڻهار) چاهي تہ ذري کي زورآور ڪري ڇڏي،
زورآور کي هيٺوءِ هلاڪ.
(پن ٻوڙين پاتار ۾، پهڻ تارين تون ـ شاهہ)
هن جهڙو قادر ڪير بہ ڪونهي. نہ ئي وري هن جهڙو ڪو طاقتور آهي.
جيڪڏهن ڪو بدڪار ماڻهو بدڪاريون ڇڏي ڇڱائيءَ
جي واٽ تو وٺي تہ هو "طاقتور" ذات ڪيس (معاف ڪرڻ ۾)
دير ئي نہ ٿي ڪري.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو ساٿي سرجڻهار هجي، تنهن کي ڪير چڪي سگهي ٿو.
دنيا دشمن ٿي پوي ته ڇا ٿي پيو. انهيءَ جو وار به ونگو ٿيڻو ناهي.

❖

اي منهنجا پالڻهار!
مان جيڪو ڪجھ آهيان، تنهنجي ڪري ئي آهيان.
سچائي اها ئي آهي! جيڪو تو چاهيو، مون 'اهو ئي ڪيو'
تون ئي ته منهنجي اندر ۾ هئين.
اها الڳ ڳالھ آهي ته تون مون کي نيڪي ۽ بدي
جو فرق ۽ ان جي جزا سزا به سمجهائي پر مان ان سمجھ کي
نه پروڙيو. منهنجي اها خطا معاف ڪر.

❖

منهنجو مالڪ اهڙو واپاري آهي، جيڪو آسانيءَ سان واپار ٿو ڪري.
هو ساهمي جهلي بيهڻ کان سواءِ ئي پوري دنيا توري پنهنجو دان ڏئي ٿو وٺي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق موجود

تنهنجو مالڪ تو ۾ ائين سمايل آهي، جيئن گلن ۾ سرهاڻ.
پوءِ تون ڇا لاءِ هرڻ وانگر خوشبو خاطر پن پن ووڙيندو ٿو وتين.*

* (وڃين ڇو وڻڪار، هِت نہ ڳولهين هوت کي.)
(شاهہ)

❖

جنهن جانب کي تو جڳ جهان ۾ ڳولهيو، سو تہ تنهنجي اندر ۾ موجود آهي.
هن رڳو پرم جو پردو تاڻي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

❖

جي سمجهہ اٿئي تہ جيڪو ڪجهہ پالڻهار ڏنو اٿئي،
تنهن تي راضي بہ رضا رهہ. متان ناشڪريءَ ۾ ڪيڏانهن ٿڙين.
هُن جو ديرو تنهنجي دل اندر آهي- تون هرويرو ٿو ٻين جا در پٽڪين!

❖

جيترا جسم (ماڻھو) آھن، تيتريون ئي انھن جون ٻوليون ۽ طرح طرح جا سندن ڍول آھن.
جيڪو انھن سيني (ماڻھن) جي حيات آھي، اھو ھڪ ئي آھي، جيڪو بيان کان مٿانھون آھي.

❖

راھ وڃائي، ڪٿي ٿو ڀٽڪندو وتين؟
انھيءَ ڀٽڪڻ تنھنجي ذھن تي دنياداري سوار ڪري ڇڏي آھي. تنھنجو ساجن تہ تنھنجي اندر ۾ موجود آھي، ائين جيئن تِرَ جي اندر تيل ھوندو آھي.
تون پاڻ ۾ رڳو ان کي سمائڻ جو وڙ تہ پيدا ڪر.

❖

وڪر سو وهاءِ

اي ڪبير! منهنجي اندر ۾ اميد جي هڪ تار سُرَ وڪيري رهي آهي ۽ هُل مچائي رهي آهي. اهو هُل اندر ۾ بہ اٿم تہ ٻاهر بہ، اهو محسوس ٿيڻ سان منهنجي پريشاني ختم ٿي ويئي.

❖

هڪ لفظ شڪر جو اهڙو هجي ٿو، جنهن سان راحت جو خزانو پلئہ پوي ٿو.
هڪ لفظ اهڙو هجي ٿو جنهن سان ڏک پلئہ پوي ٿو. هڪ لفظ سان هڙئي بندشون ختم ٿين ٿيون، تہ ٻئي لفظ سان ڦاهيءَ جو ڦندو ڳچيءَ ۾ پوي ٿو.

❖

لفظن جهڙي ڪا مايا آهي ئي ڪو نہ، پر تڏهن جڏهن نيڪ ڳالهائڻ ايندو هجي. هيرو تہ ملھ ڀري خريد ڪري سگهجي ٿو، پر لفظن جو نہ ڪو ملھ اهي نہ وري ڪا تور.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون لفظن جي لا ابالي ۽ وڏائي نه ڪر- ان ڪري جو تنهنجو سچڻ به تنهنجي اندر م آهي ۽ تنهنجو ويري به تنهنجي اندر ۾ ويٺل آهي.

❖

جنتر منتر سڀ ڪوڙا آهن، ڪنهن کي به انهن جي فريب ۾ ڦاسڻ نه گهرجي. اصل ٻول سمجهڻ کان سواءِ ڪانءُ هنج نٿو ٿي سگهي ۽ نه ئي انسان روحاني ڏاڪا چڙهي سگهي ٿو.

❖

منهنجي محبوب جي چهري جي لالاڻ چئني ڏسائن شفق تي ڳاڙهاڻ پکيڙي ڇڏي آهي.
آءُ جڏهن ان ڳاڙهاڻ کي ڏسڻ نڪتس، اُن رنگ ۾ رنگجي ويس.

❖

نانءُ

ازلي نانءُ ئي اصلي جوهر آهي، جنهن انهيءَ کي سمجهي ورتو، سو مڪمل عارف آهي. جنهن شخص انهيءَ نج نانءُ کي سمجهي ورتو سو ءِ سندس ڪٽنب امر ٿي ويو.

❖

جڏهن مون ٻاهرين نظر ورائي اندر ڏٺو ته لافاني نور ظاهر ٿيو. پوءِ حال هي ٿيو ته مالڪ ءِ ٻانهو، معبود ءِ عابد هميش جي لاءِ بسنت ٻڻجي ويا.

❖

جيڪڏهن تون نالي جي هيري کي حاصل ڪري وٺين ته، اُهو ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏ. کولي ڪنهن کي ٻه نه ڏيکار- انهيءَ هيري ۾ نه پاڻي آهي، نه انهيءَ جو ملھ آهي ءِ نه وري ملھ ڪٿيندڙ صراف آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي چوڻو هئم، سو مون چئي ڇڏيو. هاڻ مون کي ڪجھ چوڻ جي حاجت ناهي.
جيڪو لفظ نڪتو، اُهو نڪري پيھجي ويو، جيئن دريا جي اندر لهر سمائجي ويندي آهي.

✥

جنهن ماڻهوءَ مالڪ حقيقيءَ جو نالو پنهنجي مَنَ ۾ لاتو، انهيءَ وقت سندس سڀ گناهه ناس ٿي ويا. ائين جيئن سُڪل گاهه ۾ باهه جي چڻنگ لڳندي آهي.

✥

مان تہ هن جهان ۾ پانت پانت جون شيون ڏسڻ آيو هوس. ڪبير چوي ٿو تہ، جڏهن فقيري اختيار ڪيم تہ مون کي هڪ ئي لافاني حقيقت نظر آئي.

✥

معرفت جو ڏيئو ٻاري، اندر جو محل روشن ڪرڻ کپي. اُتي سچي سائينءَ جي نالي جو ورد ڪري، الاهي معرفت جي مشق ڪرڻ کپي.

✥

جڏهن منهنجي "مان" ڪي ڪڍي ڦٽو ڪيم تہ مان آزاد ٿي
ويس، تڏهن ئي منهنجي دل ۾ دوست جو ديرو ٻڌجي پيو.
هاڻي منهنجو ڪو ڀيو ڪونهي، مون ڪي تنهنجوئي ابدي
سهارو گهربل آهي.

❖

جهڙي طرح من، مايا جي موهہ ۾ گهيرجي دنيا جي ناتن ۾
ڦاٿل آهي، تيئن جيڪڏهن تنهنجو نالو من ۾ گهر ڪري
وڃي تہ انسان تارن جي دنيا پار ڪري هميشہ رهڻ واري
دنيا ۾ هليو وڃي.

❖

آسمان تي ڪارا ڪڪرڙي گجگوڙ ڪري امرت وسائي
رهيا آهن.
چئني طرفن ڪان وڄ جا چمڪات آهن ۽ برڪا برسات ۾
ڪبيرداس ڀُسي رهيو آهي.

❖

جيڪڏهن توکي دنيا ۾ عمدي حاصلات گهرجي تہ سچي
نالي جي حاصلات ڪر، جيڪا تو ڪان لڪي رهي آهي.
نہ تہ تڏهن پنهنجي محرومين تي هاءِ هاءِ جا هٿ هڻندين،
جڏهن جسم مان جان نڪرڻ لڳندي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معرفت

مون معرفت جو ڏيئو ٻاريو ۽ انهيءَ معبود کي پسي ورتم،
جنهن جو ڪوئي مٽ ۽ ثاني ئي ڪونهي.
ڪبير! اتي پهتو آهي، جتي چار ئي ويد ٻ نٿا پهچي
سگهن.

❖

معرفت جو جهان تڏهن سولائيءَ سان ملندو آهي، جڏهن
مرشد محبت ڪندو آهي.
هينئر هنج موتي چڳي رهيو آهي ۽ اڏري ٻئي ڪنهن هنڌ
وڃي نٿو سگهي.
پاڻيءَ مان ئي برف ڄمي هئي ۽ هاڻي برف ڳري پاڻي
بڻجي ويئي.
اي ڪبير! جيڪو اڳ هيو، سو ئي بنجي ويو. هاڻي ٻيو
ڪجھ چئي نٿو سگهجي.

❖

مون انهيءَ 'هڪ' سان لاڳاپيو رکيو ۽ اُهو هڪ ئي سيني ۾
سموئجي ويو.
هاڻي سيئي منهنجا آهن ۽ مان سيني جو آهيان، ڪو ٻ
ڏاريو ڪونهي.

❖

تجربو

جيڪڏهن ڪو روحاني تجربي ۽ معرفت جي ڳالهه بيان ڪرڻ لاءِ پڇي ته ڪيس اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته، ”گونگو ڳڙ ڪائي لفظن ۾ انهيءَ جو سواد ڪيئن ٿو ٻڌائي سگهي؟“

❖

جيڪا شيءِ ڀريل هجي، اها خالي ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪا خالي هوندي، اها ڀرجي سگهي ٿي. پر روحاني تجربو اهڙي وٿ آهي، جنهن ۾ نه خالي پڻ جي خبر پوي ٿي، نه ڀَريل هجڻ جو پتو پوي ٿو.

❖

فقير ڪي پنهنجي فطرت ۾ رس وانگر هئڻ کپي.
ڪيس کپي ته هو رس وارو اصل وڪر پاڻ وٽ رکي ۽ ڦوڳ ڪڍي ڦٽو ڪري.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڃهه وند ماڻهو اوڳڻ (خراب ڪمن/ ڳالهين) کي ڇڏي، سڻن ڳڻن کي پنهنجو ڪندو آهي.
جيئن پوئنر سرهاڻ ڏيندڙ گلن جي سڃاڻپ ڪري مٿن ڦيرا ڦريندو آهي.

❖

هنج، پاڻي مليل کير مان کير ۽ پاڻي ڌار ڌار ڪري ڇڏيندو آهي. ساڳي طرح، جيڪي ماڻهو پنهنجي اصليت کي کوٽ کان ايئن ڌار ڪري ڇڏيندا آهن، سي ئي ڪنديءَ لڳي سگهندا آهن.

❖

هڪ ئي نظر

منهنجو سائين منهنجو استاد اهڙو آهي، جيڪو سيني کي هڪ ئي نظر سان ڏسندو آهي.
هن مون کي آفاقي علم ڏنو، هينئر مان جيڏانهن به نهاريان ٿو، مون کي هڪ ئي جلوي کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نظر نٿو اچي.

❖

مون اهڙو مرشد ڪيو آهي، جيڪو سيني کي هڪ ئي نظر سان ڏسندو آهي.
هن مون کي دنياوي گندگيءَ کان آجو ڪري ڇڏيو آهي، هاڻ مان جيڏانهن به نظر ٿو ڪريان،* مون کي، منهنجي مالڪ جو جلوو ئي نظر ٿو اچي.

❖

* جيڏانهن ڪريان پرڪ، تيڏانهن صاحب سامهون. (شاھ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳتي/ولايت

جيستائين دنيا جو حرص روح ۾ اٽڪيل آهي، تيسين ڀڳتي نٿي ٿي سگهي.
جيڪو دنيا جي حرص کان منهن موڙي پالڻهار جي پرارٿنا ڪندو آهي تنهن کي ئي ڀڳت چوڻ جڳائي.

❖

ٻين کي ڏسڻ ۽ اپنائڻ سان ڪنهن تي ٻه رنگ چڙهي نٿو سگهي.
اهڙو ماڻهو آزمائش اچڻ تي ڀڳتي کي ائين ڇڏي ڀڄندو آهي. جئين نانگ پنهجي کل لاهي ڇڏيندو آهي.

❖

شهوتي ، ڪاوڙيل ۽ لالچي ماڻهوءَ کان ڀڳتي ٿي نٿي سگهي.
ڀڳتي ڪرڻ ته اهڙي ٻلوان جو ڪم آهي، جيڪو، پنهنجي ذات، ڪٽم ۽ قبيلو سڀ ڪجهه ڇڏي ڏي.
جيئن مڇي کي پاڻي پيارو هوندو آهي، تيئن لالچي ماڻهوءَ کي مايا جو گهيرو گهربل هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ماءُ کي پٽ پيارو هوندو آهي، تيئن ڀڳت کي به پنهنجي نالي جي ناموس مٿي هوندي آهي.

❖

ڀڳتي ته چوگان• جي بال وانگر آهي، ڪيس جيڪو به چاهي ڪٽي سگهي ٿو.
ڪبير چوي ٿو ته انهيءَ معاملي ۾ شاهه ۽ گدا ۾ ڪو به فرق نه هوندو آهي.

❖

چڪور جي زبان ۾ ڇهنب سڙي ڇو نه پوي، پر سندس محبت نٿي ختم ٿئي.
محبت ٿي ته آهي، نه ته ٽانڊن ۾ ڪهڙو مٺاڻ آهي جيڪي چڪور ٿو کائي.

❖

ڀلي اربين ۽ ڪربين رپين جو ڌن ۽ دولت ڇو نه هجي ۽ پورب کان پڇم تائين سلطنت جون حدون ڇو نه هجن،
پر ڀڳتيءَ جي مهانتا انهيءَ سان ماپي نٿي سگهجي، ڀڳتيءَ آڏو هي سڀ شيون هيچ ثابت ٿين ٿيون.

❖

• هڪ قسم جي راند جيڪا گهوڙن تي چڙهي ڇڙين ۽ بال سان کيڏي ويجي. (سنڌيڪار)

محبت

هي عشق جو گهر آهي، ڪنهن جي ماسيءَ جو گهر ڪونهي.
جيڪو هن ۾ اچڻ چاهي، سو جيءَ مٿو نه ڪري پوءِ هليو اچي.

❖

محبت نه باغ ۾ جنم وٺندي آهي ۽ نه وري بازار مان ملندي آهي.
بادشاهه توڙي عوام، جنهن کي به گهرج آهي، سو پنهنجو سِر ڏيئي پوءِ ڪو حصو ڪٺي وڃي.

❖

جنهن به پرت جو پيالو پيتو آهي، تنهن کي ساهميءَ ۾ پنهنجو سر ڏيٹو پوندو.
لالچي ماڻهوءَ جي وس ۾ سِرُ ڏيڻ ڪونهي. هو فقط محبت جو نالءُ ئي ڳنهي سگهي ٿو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ’مان‘ هيس، يعني جڏهن مون کي خوديءَ جو احساس هو، تڏهن مرشد نه هئم.
هاڻ مرشد ته اٿم پر ’مان‘ نه آهيان. محبت جي گهٽي ڏاڍي سوڙهي ٿيندي آهي، انهيءَ ۾ ٻن جي گنجائش نه هوندي آهي.

❖

جنهن جسم ۾ محبت نه هجي، تنهن کي مٽل سمجهڻ گهرجي.
اهو لوهار جي ڌنوڻيءَ جيان آهي، جيڪا ساهه نه هئڻ جي باوجود به ساهه کڻندي آهي.

❖

جڏهن محبت جو واچوڙو اٿيو ته ڪک (حقير انسان) آسمان ۾ اُڏري ويو.
هاڻ ڪک، ڪک سان مليو آهي، يعني عاشق محبت سان مليو آهي ۽ جنهن جو هو، تنهن جو ئي ٿي ويو.

❖

جڏهن مون کي محبت ٿي ته ڪلي طرح دل ۾ سمائجي وئي، هاڻي جسم جي لونءَ لونءَ محبوب کي سڏي رهي آهي، اها فقط زباني عقيدي جي ڳالهه ڪونهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ڪبير! مون تہ پرت جو پيالو دل سان لڳائي ڇڏيو آهي.
هاڻي منهنجي لونءَ لونءَ ۾ اهو ئي سمائجي رهيو آهي، پيو
نشو ڪهڙو ڪريان!؟

❖

مان تہ ان نالي ۾ مگن آهيان، مون جيءَ ڀري محبت جو رس
پيتو آهي.
مان مُڪتي ڇو گهران، مان تہ پنهنجي محبوب جي ديدار
جو اڃايل آهيان.

❖

ملڻ تہ اهو ڇٽبو، جيڪو محبت ۾ ٿيندو آهي.
جڏهن دل ئي دل سان نہ ملي تہ جسمن جي ملڻ مان ڪهڙو
فائدو؟

❖

نيل ڪنول رات جو پاڻيءَ ۾ ٽڙندو آهي ۽ چنڊ انهيءَ کي
ڏسي ڪلندو آهي.
ايتري دوريءَ مان ڪو بہ فائدو ڪونهي، جيڪو جنهن جو
محبوب هوندو آهي، اهو تہ انهيءَ جي ويجهو هوندو آهي.

❖

مان پنهنجي جانب کي خطرو تڏهن لکان، جڏهن هو ڪنهن ٻئي هنڌ رهندو هجي.
جيڪو اندر اوطاقين ۾ اکين ۾ وسيل هجي، تنهن کي ڪهڙو نياپو موڪلجي!؟

❖

نينهن کي ته لازم نيائڻو ئي پوندو آهي، انهي ۾ ڪنهن ٻئي خيال کي گهڙڻ نه ڪپي.
پوءِ ڀلي انهيءَ لاءِ تن ۾ من ڏيڻو پوي پر نينهن ناهي ڇڏڻو.

❖

ڏک ۾ ته هر ماڻهو خدا کي ياد ڪندو ڪري. پر سک ۾ ائين ڪو نه ڪو ڪري.
جيڪڏهن ماڻهو سُکين گهڙين ۾ خدا کي ياد ڪري ته جيڪر ڏک ئي نه اچن.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪرِ فڪر

اي ڪبير! ڪاٺ جي مالها جي داڻن ۾ پانت پانت جون
ڳنڊيون ۽ ڦير هوندا آهن.
پر ساهه جي اچڻ وڃڻ واري مالها ۾ نه ڪا ڳنڍ هوندي آهي
۽ نه ڪو ڦير هوندو آهي.

❖

خدا جو ذڪر به ختم ٿي ويندو آهي، بنا ذڪر ڪرڻ جي ياد
به ختم ٿي ويندي آهي. اندر مان اٿندڙ گوڙ به ختم ٿي
ويندو آهي. پر جڏهن روح ڏيان ۾ سمائجي ويندو آهي ته
موت نه ايندو آهي.

❖

مان ”تون ئي تون“ آلاپيندي، ”تون ئي تون“ ٿي ويس.
مون ۾ پنهنجي ’هئڻ‘ جو احساس ئي نه رهيو. مان تنهنجي
نالي جي صدقي، چوڌس تنهنجو ئي نظارو پسان ٿو.

❖

خداتي ڀروسو

ساڌو پنهنجي هڙ ۾ ڪجهه به نه رکندو آهي ۽ پيٽ جو هڪ حصو ڪائڻ کان سواءِ ڪجهه به نه وٺندو آهي.
هن جي اڳيان پويان خدا ئي بيٺو هوندو آهي. جڏهن ڪانئس ڪو گهرندو آهي ته هو سڀ ڏيئي ڇڏيندو آهي.

❖

پرهه ڦٽي مهل سڀ ساهوارا جاڳي پون ٿا ۽ هر ڪنهن کي ايترو چوڳو ملي ئي وڃي ٿو، جيترو سندن چهنب ۾ اچي ٿو.

❖

اي پالڻهار! مون کي ايترو ڏئي، جيتري منهنجي گهرج آهي. مونکي ايترو ئي ڏي، جنهن سان مان بکايل نه رهان ۽ در تي آيل سواليءَ کي به خالي نه موٽايان.
جيڪي تنهنجو نالو ڳنهن ٿا، ته فقط رسمي نالي ڳنهڻ سان تون کين نه ٿو ملين، اهڙا رسمي نالي ڳنهڻ وارا ته تو کان پري رهيا، پر جن ڀروسي ۽ يقين سان تنهنجو نانءُ ڳڌو، تون سدائين تن جي سامهون رهين ٿو.

❖

هجر ۽ وصال

مان ڪيترن ئي ڏينهن کان تنهنجو ذڪر ۽ تنهنجو اوسيئڙو ڪري رهيو آهيان.
منهنجو من تو سان ملڻ جي لاءِ بي قرار آهي. تو سوا منهنجي دل کي سڪون ڪونهي.

❖

جدائيءَ جي 'جيريءَ' اندر ۾ گهڙي منهنجو هينئون گهائي ڇڏيو آهي.
پر بي وس عاشق برهه جي باهه ۾ لڇندا پڇندا ناهِن، هو ماٺ ۾ جلندا رهندا آهن.

❖

هو بدنصيب ته رڳو پرينءَ جي ديدار واسطي آيو هو، ڪيس دنيا جو سمورو وهنوار ڪڙو ٿي لڳو.
هن کي ته پنهنجو بُت به موت جيان ڳورو ٿي لڳو، ڪيس لڳو ٿي ته فقط پرينءَ جو نالو مٺو ٿي لڳو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين ڪلڻ ۾ ڪيڏڻ سان ناهِن ملندا، اُهي تہ راتين جو روئڻ سان ئي ملندا آهن.
جيڪڏهن ڪلندي ڪُڏندي ڪنوار بہ ملي ويندي آهي تہ اُها سهاڳڻ نہ بڻبي آهي.

❖

منهنجي جسم جو گوشت جدائيءَ جي جهوريءَ ۾ سُڪي ويو آهي ۽ فقط هڏن جو پڃرو ئي وڃي رهيو آهي.
ڪانگ! منهنجي مرڻ جي اميد ۾ مون ڪي تڪي رهيا آهن.
پر منهنجي دل دوست جو ديرو نہ بڻجي سگهي، آءٌ ڪيڏي نہ اڀاڳڻ آهيان!

❖

آءٌ جبل جهاڳيندي رهيس ۽ مون روئي روئي اکيون ئي وڃائي ڇڏيون- پر پوءِ بہ مون کي اها دوا ڪين ملي جيڪا منهنجي درد جو دارون بڻجي سگهي.

❖

اندر ۾ باهہ ٻري رهي آهي ۽ انهيءَ جو دونهون بہ ظاهر نٿو ٿئي.
اها باهہ اهو ئي ڏسي سگهي ٿو، جنهن کي اها لڳي آهي يا وري اهو ئي ڏسي سگهي ٿو، جنهن اها لڳائي آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي جسم جو گوشت پرينءَ جي اوسيئڙي ۾ سڙي ويو آهي، صرف هاڏي پڃرو رهيو آهي.
پوءِ بہ ڪو منهنجي مرڻ جي اميد رکي تڪي رهيو آهي. واه ڙي منهنجا نصيب!

❖

اي رام! تنهنجي ديدار ڏسڻ ڪارڻ، تنهنجي هيءَ اياڻي تڙپي تڙپي ڪري پوي ٿي.
جيڪڏهن تو ڪيس مرڻ پڇاڙان ديدار ڪرايو تہ ڪيس ڪهڙو فائدو ٿيندو؟

❖

جدائي جي ڪهاڙيءَ سان بدن مان رت وهي رهيو آهي ۽ زخم ڇٽائڻ واري ٻوٽي بہ اثر نہ پئي ڪري.
هاڻي منهنجي مرڻ ۾ ڪو بہ شڪ نہ رهيو آهي، منهنجو سچو پرم ۽ زندگيءَ سان موهہ ختم ٿي ويو آهي.

❖

جنهن کي جدائيءَ جو باڻ* لڳو آهي، تنهن تي ڪا بہ دوا اثر نٿي ڪري.
هو سدائين سُڏڪندو رهي ٿو ۽ مري وري جيئي ٿو ۽ جڏهن بہ اٿي ٿو تہ ڪنجهي اٿي ٿو.

---

* باڻ: تير

دعاءِ وينتي

اي منهنجا مالڪ! اسان جي سار لهه- اسين دنياوي هُل ۽ بڪيڙن جي پاڻيءَ ۾ پئجي ويا آهيون.
جيڪڏهن تو اسان جو هٿ نہ جهليو ۽ اسان کي نہ اٿاريو تہ اسين انهيءَ پاڻيءَ ۾ لڙهي ويندا سين.

❖

مان تہ جائي ڄم کان گنهگار آهيان- منهنجي اندر تو ڙي ٻاهر، هيٺ توڙي مٿي ٻچڙايون پريون پيون آهن.
تون تہ مالڪ آهين. ڏکندا ڏور ڪرڻ وارو -تون ئي منهنجي سار سنڀال ڪر.

❖

اي منهنجا غريب پرور پيءُ! منهنجي مداين کي معاف ڪر- مان تنهنجو نافرمان ٻچڙو آهيان.
پر پوءِ بہ پيءُ جي عزت آهيان.
تون اندر جو حال ڄاڻڻ وارو آهين ۽ روح جو اڪيلو سهارو بہ تون ئي آهين.
جيڪڏهن تو منهنجي هٿ کي ڇڏي ڏنو تہ مون کي ڪير ڪنڌيءَ ڪندو.

❖

مون ۾ پنهنجو ڪجهہ بہ ڪونهي، جيڪو ڪجهہ آهي سي تنهنجو آهي.
تنهنجو "شڪر" تو کي موٽائڻ ۾ مون کي گهٽي دير لڳندي.
ان لاءِ مان هر وقت عاجزيءَ سان تيار آهيان.

موت کان پوءِ

هُتان کان ڪو بہ واپس نہ وريو آهي، جنهن کان ٻوڙي وجي
اُتان جي باري ۾ پڇان.
سڀ ماڻهو پنهنجو پنهنجو بوجهہ کڻي هِتان کان ئي
هوڏانهن وڃي رهيا آهن.

❖

منهنجو مِيت، مون کي پيار سان سڏي رهيو آهي، پر مون
کان وڃڻ نہ پيو ٿئي.
ڪنوار ميري سيري ۾ گهوٽ اڃو اجرو آهي. مان تہ سندس
چرنن کي بہ ڇهي نٿي سگهان.

❖

مون کي تہ پنهنجي ڳوٺ پنهنجي رهڻ واري جاءِ جو بہ پتو
ڪونهي. ڏس پتي کان سواءِ وڃان بہ تہ ڪيڏانهن وڃان.
هلندي هلندي جڳ گذري ويا اٿم، پر ڳوٺ ڏانهن اڃا مس
ٻرانگهون ئي بہ ڪنيون اٿم.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلڻ جي ته هر ڪو وائي پيو ڪري، پر منهنجي من ۾ ڀي
هورا ڪورا آهي.
مالڪ سان ته مهنداري ڪئي ڪو نه اٿم، هينئر ويندس ته
ڪيڏانهن ويندس.

❖

جيڪو هنڌ ايترو ته مٿانهون هجي جو ماڪوڙي به اتي
چڙهي نه سگهي ۽ ايترو ته سوڙهو هجي جو انهيءَ تي داڻو
به بيهي نه سگهي- اهڙي هنڌ تي پنهنجي اندر کي ڪولي
رک ۽ اتي وڃي پهچ.

❖

جي مرڻو ئي آهي ته پوءِ مري وڃ! جيئن سڄي جنجهٽ ڪان
پري هجين.
اهڙو مرڻ ڪهڙي ڪم جو جو ڏينهن ۾ سئو سئو ڀيرا مرڻو
پوي.

❖

سچائي

جڏهن هنج پڪي موتي چڳي سگهي ٿو ته هو پٿر چڳڻ جو خيال ڇو ڪري.
هو پٿر چڳڻ جي لاءِ پنهنجو ڪنڌ نه جهڪائيندو، موتي ملندس ته چڳندو.

❖

مانسرور ڍنڍ ۾ هنج ۽ بگهه هڪ جهڙا ٿا لڳن، يعني ٻئي اڇا آهن.
پر بگهه مڇي ڳولهي ٿو ۽ هنج موتي چڳي ٿو.

❖

چندن جي ڪاٺي اڻ ڄاڻن جي ديس ۾ ويئي ته سڀني ڪيس عام ڪاٺي سمجهيو.
۽ جڏهن چلهه ۾ وڌائونس ته جيئن جيئن هوءَ سڙندي وئي، تيئن تيئن سندس سرهاڻ چوڌس ڦهلجندي ويئي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون عجيب ڳالھ ڏٺي آھي تہ بازار ۾ ھيرو وڪامي رھيو آھي.

پر جيئن تہ ملھ ڪٿيندڙ ڇڙ آھي، تنھن ڪري اھو ٻيڳڙن مٺ وڪامجي رھيو آھي.

معرفت جي موتيءَ کي مَن جي ڪوٺيءَ ۾ بند رکو ۽ ڪوٺڙيءَ تي سانت جو پردو وجھي ڇڏيو.

جڏھن ڪو پارکو سامھون اچي تہ مٺي ٻول جي ڪُنجيءَ سان اھو تالو کولي ڇڏيو.

❖

بازار ۾ خدا جي نالي جو ھيرو کليو پيو آھي، ڇو تہ ڪو بہ صراف ڪونھي، جڏھن صراف ايندو تہ تڏھن ئي انھيءَ ھيري جي صحيح ڪٿ ٿيندي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تلاش

مون ڪي اهڙو ڪو بہ نہ گڏيو، جنهن سان هميشہ لاءِ گڏ رهي سگهان.
مون تہ دنيا جي هر ماڻهوءَ کي پنهنجي پنهنجي باهہ ۾ جلندي ڏٺو.

✣

هو هڪ سيني ۾ سمايل آهي ۽ سيئي ان جي ڇڪ ۾ آهن.
مان ڪبير معرفت ۾ مگن ٿي ويو آهيان ۽ مون کي ٻيو ڪو بہ نظر نٿو اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌتر

آرسي تہ دل ۾ هوندي آهي، پر انهيءَ آرسيءَ م چهرو ڏسڻ ۾ نٿو اچي، يعني خوديءَ جي معرفت نہ ٿيندي آهي.
چهرو تہ تڏهن ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جڏهن حجاب کي ختم ڪرڻو پوندو آهي.

❖

سچو نانءُ ڪڙو پئي لڳوءِ مايا جو نانءُ مٺو پئي لڳو.
انهيءَ ٻڌتر ۾ ٻئي شيون هٿن مان هليون ويون، نہ مال پلئہ پيو، نہ وري خدا مليو.

قول ۽ عمل

ڳالهائڻ ماڻهوءَ کي مناڻ وانگر تو لڳي، پر انهيءَ تي عمل ڪرڻ تُوهه ڪان بہ وڌيڪ ڪڙو تو لڳي.

جيڪڏهن ڳالهين جو ڍير ٺيڻ بدران، عمل کي اپنايو وڃي تہ هر زهر، امرت ڌارا ٿي پوندو.

بي علم ماڻهو، عمل ڪان وانجهو سچو ڏينهن رڳو پيو ڳالهيون ڪندو آهي. هو ٻُڌل سُڌل ڳالهين سان ئي سڄو ڏينهن پيو ڪتي وانگر ڀؤنڪندو آهي.

پاڻ وٽ تہ پيٽ جي لاءِ پاٽي بہ ڪونہ اٿئي، پر ٻين کي کير پيو آڇين!

پنهنجي مزاج ۾ تہ سنوت ڪونہ اٿئي، پوءِ ٻين جي من کي ڪيئن پيو ليائين؟!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو گس ملندي ٿاپو کائي، تنھن کي ڪو بہ ڏوھدار نہ سڏيندو.

پر ڪبير چوي ٿو تہ، جيڪو ويٺل آھي، تنھن جي سر تي چوڌاري ڦٽڪارئي ڦٽڪار آھن.

❖

جيڪو شخص ڳالھائي تہ مٺو ٿو، پر اندر ۾ ڪجھ ٻيو آھي، ڪبير چوي ٿو تہ، اھڙي شخص کان خدا بہ ھوشيار رھندو آھي.*

❖

* منافق ماڻھوءَ تي ڪڏھن بہ ڀروسو نہ ڪجي.

Soorih Mirani

روايتي طور

روايتي طور تي سڀ ماڻهو اولاد، ڌن دولت، خواهش، سڀ ٻي سروڪار خواهشن جي ور چڙهي ويا.
ڪبير جنهن نالي جو غلام آهي، انهيءَ هڪ ئي حقيقت ۾ ملي ويو آهي.

❊

جيڪا شيءِ روايتي ڇڪتاڻ ڪان سواءِ ملي، اها مِٺي سمجهڻ گهرجي.
جنهن شيءِ جي حاصل ڪرڻ ۾ گهڻي ڇڪتاڻ ڪرڻي پوي، اها نم جهڙي ڪڙي سمجهڻ کپي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڻ ڏٺي جو عشق

جيڪڏهن مان هن ڪي ڳرو ٿو چوان ته ڊپ ٿو ٿئي، جي هلڪو ٿو سڏيان ته اهو ڪوڙ هوندو.
آئون پنهنجي پرينءَ کي ڪهڙو روپ ڏيان، ڪيس ڪڏهن اکين سان ڏٺو ئي نه اٿم.

❖

جيڪو ڏسندو آهي، اهو چوندو ڪونهي، جيڪو چوندو اهي اُهو ڏسندو ناهي.
جيڪو اصليت کي ڄاڻي وٺي ٿو، اهو ڪيس سمجهائي نٿو سگهي، ڪنهن جي ڪنهن جي زبان، اک يا ڪن جي ڳالهه ڪجي.

❖

عاشق عميق جو

مان سمنڊ جو جيوُ، يعني ٻي ڊپو ٽوٻو آهيان.
مون ٽٻي هڻئي ۽ معرفت جي مُٺ ڀري آيس، جنهن ۾ پانت پانت جون شيون موجود آهن.

❖

جيڪي ماڻهوءَ هن جهان ۾ جيئڻ جي اميد ۾ جيئن ٿا، تن کي ٻنهي جهانن جي مالڪ جو هيرو ڪيئن ملندو.
انهيءَ هيري کي تہ دريا مان ڪو ٻڏ ٽوٻوئي ڪڍي سگهي ٿو.

❖

حقيقي نانءُ جي پرک سچي آهي، انهيءَ تي ڪا بہ ڪوڙي شيءِ ٽڪي نٿي سگهي.
نالي جي ڪسوٽيءَ تي اهوئي ٽڪي سگهي ٿو، جيڪو جيئري بہ پاڻ کي مئل سمجهي.

❖

مٽي بنيو تہ بہ ڇا ھڙ حاصل! اھا تہ اُڏري ماٺھن کي لڳندي آھي.
ساڌو تہ اھڙو ھئڻ گھرجي، جيئن بيٺل پاٹي.
رڳو ساڌو بنجڻ مان بہ کھڙو فائدو، اھو بہ پنھنجي لاءِ 'جاءِ' گھري ٿو.
جيڪو پليت ۽ ناپليت کان مٿاھون ھوندو آھي، اھو فقير ئي نرالو ھوندو آھي.

❖

وچين واٽ

جيڪي چون ٿا ته، اسان ماڻيو آهي، سي مورک آهن،
جيڪي چون ٿا ته، اسان وڃايو آهي، اهي ڪم چور ۽ ٽوٽي آهن.
جنهن نه ڪجھ وڃايو ۽ نه ڪجھ پاتو، اهو ئي ڪمال کي پھتو.

❖

جيڪڏهن آئون ريجھايان ته ڪنهن کي ريجھايان ۽ رسان ته ڪنهن کان رسان.
جيڪو ريجھائڻ ۽ رسائڻ جي وچ ۾ آهي، اهو ته ڪبير جي دل ۾ ويٺل آهي.

❖

گھڻو ڳالهائڻ به سٺو ڪونهي، نه وري گھٽي ماٺ سٺي آهي.
حد کان وڌيڪ مينهن به سٺو ڪونهي، نه حد کان وڌيڪ اُس سُٺي آهي.

❖

سوريءَ سڏ ڏنو

آسمان تي نغارو وڄڻ شروع ٿيو ۽ نشاني تي ڏؤنڪو لڳو.
جنگ جي ميدان ۾ سورمو سڏي رهيو آهي ته، اهو ئي وقت
وڙهڻ جو وقت آهي.

❖

انهيءَ سورهيه جي ساراهه ڪجي، جيڪو پنهنجي جسم تي
لوهه ڪڙا نه پائي.
جيڪو سڀ بند ٽوڙي سر ترِيءَ تي رکي وڙهي ٿو.
بهادر اهو آهي جيڪو ميدان نٿو ڇڏي ۽ مخالف فوجن جي
وچ ۾ وڙهي ٿو. اهو ته جيئڻ مرڻ جي اميد ۽ خيال ڪي به
دل ۾ نٿو آڻي.

❖

ڳولها ڪرڻ واري کي هورا ڪورا هوندي آهي ڪيس هر
گهڙي فراق جي جهوري لڳل هوندي آهي.
اهڙي حالت ۾ جيڪو جسم نيستو ٿي ڪري پوي، اهو ئي
مالڪ جي ڪم جو هوندو آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورت جي وفا

وفادار زال پنهنجي وَر جو ڌيان رکندي آهي، ڪيس ڪو ٻيو ڪيئن ڀانءِ پوندو.
شينهن جا ٻچا ڪيترا به بکيا ڇو نہ هجن، اهي گاهہ نہ کائيندا آهن.

❖

اي ڪبير! سمنڊ جي سپ اُڃ لاءِ اتاولي رهندي آهي پر ساگر ۾ رهندي ان جي بوند بہ نہ پيئندي آهي.
اها تہ مينهن جي بوند جي اميد ۾ هوندي آهي، جنهن مان موتي ٺهندو آهي.

❖

وفادار زال مِرن ڪپڙن سان، ڳچيءَ ۾ ڪانچ جو داڻو پائي بہ ڀلي لڳندي آهي.
هوءَ پنهنجي جيڏين سرتين ۾ هوندي آهي تہ، سج ۽ چنڊ جي روشني جيان جڳمڳ جرڪندي آهي.

❖

جيڪڏهن هن هڪ کي ئي نہ سُڃاتو تہ گهڻن کي سڃاڻڻ
مان ڇا هٿ حاصل ٿيندو؟
اُن هڪ سان ئي تہ سيئي آهن، پر سيني جي اشتراڪ سان هو
هڪ نٿو ٿي سگهي.

❖

اي ڪبير! جت سندور جي ليڪ آهي، اُتي ڪجل لڳائڻ نٿو
سونهي.
منهنجي اکين ۾ محبوب ماڻس ايترو تہ سمايل آهي جو ٻئي
ڪنهن جي گنجائش ئي ڪانهي.

❖

سچي مرشد وانگر پنهنجي ويجهو ڪير آهي ۽ ساڌوءَ جهڙو
سخي ماڻس ٻيو ڪير آهي.
الله جهڙو ٻيو ڪهڙو مددگار آهي ۽ الله وارن کان وڌيڪ ٻي
ڪهڙي صحبت آهي.

❖

مان پنهنجي مرشد تان گهور وڃان، جنهن مون کي سؤ وار
گهڙي سنواري ماڻهوءَ مان ديوتا بنائي ڇڏيو ۽ ڪيس گهڙڻ
۾ ويرم ئي ڪا نہ لڳي.
آئون سڄي ڌرتيءَ کي ڪاغذ بڻايان، ٻيلن جي وڻن کي قلم
۽ ستن سمنڊن کي مس ٺاهيان، تہ بہ پنهنجي مرشد جا گڻ
لکي نٿو سگهان.

عالم ماڻهو پڙهندي ويچار ڪندي ۽ علم دل ۾ لاهيندي
لاهيندي مري ويا.
پر خبر پين تہ گروءَ کان سواءِ گيان نٿو ملي.
گيان ڪونهي تہ مڪتي ڪونهي، جيئڻ ۽ مرڻ جو لطف
ڪونهي.
انهيءَ ڳالھ کي سچي قول ثابت ڪيو آهي.

❖

هيءَ جسم زهر جي ول آهي ۽ مرشد آب حيات جي کاڻ
آهي.
جيڪڏهن سر ڏيڻ تي مرشد حقيقي ملي پوي تہ اهو سودو
سستو آهي.

❖

جڳاڙي مرشد

خواهش ۾ ڦاٿل مريد کي خواهش ۾ ڦاٿل مرشد ملي ته آزاديءَ جي ڪهڙي صورت ٿي سگهي ٿي.
تو کي کپي ته تون خواهش کان آزاد مرشد جي خدمت ڪر، جو ته هو ڪن پل ۾ ئي تو کي خواهش کان آزادي ڏياري ڇڏيندو.

❖

ڪوڙو مرشد ڪوڙيون ڳالهيون ڪهڙي دنيا کي ته ٺڳي ٿو، پر پنهنجي نفس جي تربيت نٿو ڪري.
پر ڪبير چوي ٿو ته، ان جو من ڪيس چوراسي لک قسم جي مخلوق ۾ گهمائي ڦيرائي پر سندس مڪتيءَ جو ڪارو ٽيٽو ناهي.

❖

جڳاڙي مرشد پنهنجا مريد ۽ روحاني سلسلا جوڙيا، پر ڪنهن ڪامل مرشد سان ناتو نه ڳنڍيائين.
هو حقيقت جي دنيا ڏانهن وڌڻ جي ڳالهه ته ڪري روانو ٿيو هو، پر سندس ڏيان وچ ۾ ئي اٽڪي پيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀلي مٽيءَ وارا ماڻهو

نيڪ فطرت ماڻهو ٻين جا خير خواهه هوندا آهن. ڪڪر
جيان اچي وسندا آهن.
هو پنهنجي حصي جو دان ڏيئي ٻين جون گهرجون
پوريون ڪندا آهن.

❖

سڄي ٻيلي ۾ نه صندل جي ڪاٺي هوندي آهي، نه سڄي
سمنڊ م موتي ملندا آهن، اهڙي طرح دنيا ۾ ساڌو ۽ درويش
به ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ئي ملندو آهي.

❖

وڻ پنهنجو ميوو پاڻ ڪو نه کائيندا آهن ۽ ندي پنهنجو
پاڻي پاڻ نه پيئندي آهي.
اهڙي طرح درويش ماڻهو به پاڻ لاءِ نه جيئندا آهن پر عام
انساني ويس ڏيکيندا آهن ۽ ڪَلَ نه ڏين عام کي.

❖

سڀ جوڳي هڪ جهڙا نظر ايندا آهن. جڻ ڏوڏيءَ جون
پوڪيل پنيون هجن.
انهن منجهان ڪي روشن ضمير ڳاڙها هوندا آهن ۽ باقي ٻيا
سڀ اڇا هوندا آهن.

❖

درويش ۽ ساڌوءَ جي ذات نہ پُڇ، اُنهيءَ جي فيض ڪي پُڇ.
تون تلوار جو سودو ڪر ۽ نيام کي ڇڏي ڏي.

❖

انسان کي ڪپي تہ دنيا جي محبت ڇڏي ڏي ۽ دنيا مان
اميدون بہ ختم ڪري ڇڏي.
انهيءَ جي اڳيان پنيان هيڏي وڏي خدائي آهي ، پوءِ
ڪيس ڏکَ ڪيئن رَسندا.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب مٽيءَ وارا ماڻهو

خراب ماڻهوءَ کي سُٺي صحبت ۾ ملي ته ڇا ٿيندو، ڇو ته سندس دل سخت آهي.
جيڪڏهن پاڻي نُون، نيزن جيترو اونهو هوندو ته به سندس پلءُ ڪو نه پسندو.

❖

سائو وڻ انهيءَ کي چئو جيڪو پاڻيءَ سان محبت ڪري، يعني اُهو چُهي (چوسي)
سُڪل ڪاٺيءَ تي ڪهڙو اثر پئجي سگهي ٿو، پوءِ پلي ڪيترو به مينهن وسي.
ڪبير چوي ٿو ته: صندل جي وڻ ويجهو نم جو وڻ به صندل بنجي وڃي ٿو.

❖

هو بزرگ ڏس! پاڻيءَ ۾ بانس وڏائي رهيو آهي، ان کي جهليو، ڪيس ٻڏڻ نه ڏيو.
نرڙ تي تلڪ لڳائڻ سان پڳتي هٿ نه ايندي.
اهڙا نوڳي سادو ڏاڙهيءَ مڇون ڪوڙائي به دنيا سان گڏ هلندا آهن.

❖

اُهي چريا آهن، جيڪي نانگ جي ليڪي کي پيا ڪُٽيندا آهن، پر نانگ ماري نه سگهندا آهن.
اڙي مورک! ليڪو ڪنهن کي به ڏنگيندو نه آهي، نانگ هر ڪنهن کي ڏنگيندو آهي.

چڱن جي صحبت

اي ڪبير! چڱي ماڻهوءَ جو ساٿ ٻين جو ڏکندو ڏور تو
ڪري.
خراب ماڻهوءَ جو ساٿ بہ خراب آهي، جو انهيءَ سان
ڪروڙين خرابيون پيدا ٿيو پون.

❖

اي ڪبير! درويش جي سنگت، عطر وڪڻندڙ جي گهر جيان
هوندي آهي.

اُتي جيڪڏهن عطر وڪڻندڙ عطر نہ بہ ڏي، تہ بہ تو ڪي هڳاءُ
تہ ملندو.

❖

جيڪي ڏينهن بزرگن جي سنگت نصيب نہ ٿئي، اُهي
ڏينهن بيڪار ئي گذريل ڄاڻبا.
انهن جي صحبت ۽ خدا جي بندگي کان سواءِ زندگي
جانورن جهڙي ٿي وڃي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڙي صحبت

جيڪڏهن واقعي تو کي محبت جو درد آهي ته پختگيءَ
سان پيچ پاءِ.
ڪچي سرنهه، گهاڻي ۾ پوندي ته، نه تيل ملندو ۽ نه ئي کڙ
ملندي.

❖

نير جو داغ لڳي ٿو ته سئو پيرا صابڻ سان ڌوئڻ سان به نٿو
متجي.
ڪروڙين ڪوشش جي باوجود به ڪانءُ، هنج پکي ٿي نٿو
سگهي.

❖

Soorih Mirani

ٻانهپ

دل ۾ الله جي ڪبريائي ويهاري ڪو نہ اٿئي، باقي پاڻ کي
ٻانهو چوين ٿو.
پاڻي پيئڻ کان سواءِ اُڃ ڪيئن ويندي، اهڙي ڳالهہ مان
ڪهڙو فائدو!

❖

هيءَ دنيا ائين آهي، جيئن سُرمي جي صراحي (سرميداڻي).
خدا جي اُنهيءَ ٻانهي تان گهور وڃان، جيڪو انهيءَ ۾
گهڙي وري ٻاهر نڪري ٿو اچي.

❖

منهنجو سائين هر هنڌ حاضر آهي، ڪا بہ جاءِ ڪو بہ ذرو اهڙو
ڪونهي، جتي هو ڪونهي.
پر ان جي اهڙي ٻانهي تان قربان وڃان، جنهن ۾ هو
پنهنجي صفتن سان پڌرو ٿئي ٿو.

❖

ويس

جنهن پنهنجي من کي مالا بڻايو هجي ۽ جسم کي رسيءَ جو ڪمربند بڻائي خدا جي خوف ۾ مِٽي مَلي هجي.
جيڪو هر شيءِ ۾ اڻ ڏٺل مالڪ جو جلوو پسي ٿو، اهو ئي جوڳي مرتبي وارو آهي.

❖

جسم کي جوڳي ته سڀ بڻائي ڇڏيندا آهن، پر نفس کي فقير بڻائڻ وارو ڪو ڪو هوندو آهي.
پر جيڪڏهن ڪنهن جو من واقعي جوڳي ٿي پوي ته پوءِ انهيءَ جا ٻيڙا پار آهن.

❖

اسين ته مَن جا جوڳي آهيون، تَن جا جوڳي ڪي ٻيا هوندا.
من جو جوڳ پچائڻ ۾ اسان جي حالت ئي ٻي ٿي ويئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هشياري

ماڻهوءَ جي حياتي پاڻيءَ جي ڦوٽي جيان آهي.
اهو ڏسندي ڏسندي ائين گم ٿي ويندو، جيئن وهائو تارو.

✣

جيڪو ڪجهه سڀاڻي ڪرڻو اٿئي، سو اڄ ئي ڪري وٺ ۽
جيڪو اڄ ڪرڻو اٿئي، سو هينئر ئي ڪري وٺ.
تنهنجي لاءِ ڪن پل ۾ دنيا جي پڄاڻي ٿيڻ واري آهي، پوءِ ڪڏهن ڪندين؟

✣

نصيحتون

هيٺي کي ڪڏهن به متان ستائين. انهيءَ جي آهه آسمان
تائين پهچندي آهي.*
اهو نه وسار ته جڏهن ڏنوٽيءَ جي ڏوڻ ڏم ڏم ڪندي آهي
ته ان سان لوهه به سڙي ويندو آهي.

❖

اي ڪبير! پلي پاڻ تون ٺڳجي وڃين، پر ڪنهن سان ڪُپت
نه ڪجانءِ!
ڏوکو کائڻ ۾ سڪون سمايل آهي ۽ ڏوکو ڏيڻ ۾ تڪليف
پلئه پوندي آهي.

❖

سچائيءَ جي سيج جو غاليچو بنائي، معرفت جي هاٿيءَ تي
سوار ٿي وڃ-
دنيا جي ڪُتن کي جڪ ڪائي ڀؤنڪڻ ڏي ته پلي جڪ
ڪائيندا ڀونڪندا وتن.

---

*آهه غريبان، قهر خدائي (پهاڪو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفس جي خواهش

نفس جي خواهش تي هلڻ واري، ڪاوڙيل يا لالچي ماڻهوءَ
ڪان ڀڳتي تي نہ سگهندي.
ڀڳتي ڪرڻ تہ سورمي جو ڪم آهي، جنهن پنهنجي ذات ۽
دنياداريءَ کي تياڳي ڇڏيو هجي.

❖

جسماني لذت جي لاءِ نفس پرستيءَ جي غلامن، ڀڳتيءَ کي
برباد ڪري ڇڏيو.
هنن پنهنجي هٿن سان هيرو وڃائي ڇڏيو، هنن پنهنجي
زندگي فضول وڃائي ڇڏي.
لذت ماڻڻ جي ڳالھ تہ سڀئي ڪن ٿا، پر ڪنهن کي بہ
سڄاڻپ ڪونهي تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي.
دل ۾ جيڪا دنياوي لڇ ۽ خواهشون اٿن تيون تن کي ئي تہ
لذت چئبو آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪروڌ

ناسمجهيءَ جي ڪمان چڙهي پئي آهي هو ڪڙن ٻولن جا تير پوري زور سان ڪَنن ۾ هڻي رهيو آهي.
ان جنهن سان اڳلي جو سڄو سرير سورن ۾ ونجي ويو آهي ۽ هن جي دعويٰ آهي ته هو اذيت پسند ناهي.

❖

سيني ۾ ڪڙن ٻولن جا تير ڪتل آهن ۽ اندر ۾ سورن جون ستون اُڀري رهيون آهن.
اهي نڪرڻ سان به نه پيا نڪرن ۽ سخت ڳنڍ جيان ٻڌا پيا آهن.

❖

مٺا ٻول دوا وانگر آهن ۽ ڪڙو ڳالهائڻ تير مارڻ وانگر آهي.
اهڙو تير جيڪو ڪمان مان ڪَسجي اچي ٿو ته سڄي سرير کي ڏڪوئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڀ

جڏهن من ۾ لالچ جا جذبا پرجي اچن ته اهو دنيا جي لذتن ۾ ڦاسي وڃي ٿو.
ڪبير چوي ٿو ته هل سوچ ويچار ڪري ڏس ته انهيءَ طريقي سان ڀڳتيءَ جي دولت ڪيئن ملندي.

❖

ماڻهوءَ جي پت وئي ته عزت به وئي ۽ اکين ۾ محبت به ڪا نه رهي.
اهي ٽئي شيون تڏهن ويون، جڏهن چيئي ته "مون کي ڪجھ ڏي."*

❖

دنياداريءَ ۾ پلي پيو مٽان مونا هڻ، پر آخر ۾ انهيءَ جو نتيجو ڪجھ به ڪين نڪرندو.
اي ڪبير! ڪنجوس ماڻهو ڌن گڏ ڪندو ويندو آهي، پر آخر ۾ اهو چور چورائي ويندا آهن.

❖

* حضرت محمد ﷺ چيو ته مٿيون هٿ هيٺين هٿ کان ڀلو آهي.(حديث)

چاهت

سڄي دنيا چاهت ۾ چري آهي، نينگري ڪنواري ئي رهجي ويئي، يعني روح جو خدا سان ميلاپ نہ ٿيو.
جنهن شخص سمجھ نہ رکي ۽ پاڻ کي خدا جي محبت ۾ مگن نہ رکيو، اهو جنم جنم تڙپندو آهي.

❖

ماڻهن ابديت جو بار مٿي تان لاهي ڦٽو ڪيو آهي ۽ پنهنجي شرف کان هيٺ لهي آيا آهن.
مان جنهن کي ٻہ ٻڌايان ٿو تہ مان انهيءَ خدا جو روپ آهيان، تہ اُهو مون کي ٻہ ٿي ٻڌائي ٿو ڇڏي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معتبرائپ

ڏن چڏي ڏنئي ته ڇا ٿي پيو، پر تنهنجي معتبر بنجڻ جي
چاهت ته ڪا نه گهٽي.
عزت حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ وڏا وڏا ماڻهو ختم ٿي ويا،
عزت سيني ڪي ڪائي ويئي.

❖

ڪجيءَ جي وڻ وانگر ڊيگهه ۾ وڏڻ سان ڇا حاصل!
انهيءَ مان پکين کي ٻه ڇانورو نٿو ملي ۽ انهيءَ جو ڦل ٻه
ڪافي مٿي لڳندو آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپٽ

اي ڪبير! اُتي نہ وڃ، جتي دو ڪي جي دوستي هجي. اها ڏاڙهون جي گؤنج جيان هوندي آهي.
جنهن جو جسم تہ ڳاڙهو هوندو آهي، پر اندر اڇو هوندو اٿس.

❖

جن ماڻهن جي دل ۾ ڪپٽ هوندي آهي، سي بدنيتيءَ سان دوستي رکندا آهن.
خراب ماڻهوءَ آرسي ۾ئي اڳيان پٺيان مختلف هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

اميد

هڪ ئي اميد اصلي آهي، جيڪا 'اميد' خدا جي نانءَ جي آهي. باقي سڀ اميدون نراسايون آهن.
پين ۾ اميدون رکڻ ايئن آهي جيئن "پاڻيءَ مٿي جهوپڙا مورک اُڇ مرن."

❖

مان اميد جو "پارڻ" ٻاريان ۽ خواهش کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيان ۽ ورائي ورائي جوڳ پچايان. انهيءَ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي آهي.

سڏون

اي ڪبير! اهڙي مايا ميڙ، جيڪا عاقبت آجي ڪري.
مون دنياوي دولت جو بار متي تي کڻي ڪنهن کي معرفت جي راهه تي هلندي نه ڏٺو آهي.
گهٽيون سڏون يا ته ڏائٽيون آهن يا زندگي کي ختم ڪندڙ موت.
هوءَ روزانو نئون شڪار چاهين ٿيون ۽ زندگي جنجال ڪريو ڇڏين.
❖

ننڊ

اي ڪبير! تون ڇو ستو پيو آهين- جاڳڻ جو ارادو ڪر،
تنهنجو هڪ هڪ ساهه هيري ۽ موتيءَ وانگر قيمتي آهي ۽
تون هر ساهه صبح اڏڻ جي حوالي ڪر.

❖

تون لڳاتار ننڊ ۾ نہ رهه، ۽ رات توڙي ڏينهن 'طلب' جي
تنوار ڪندو رهه.
جيڪڏهن تون رات ڏينهن طلب جي تنوار ڪندين تہ نيٺ
هڪ ڏينهن تنهنجي تات حاصلات تي پهچي ويندي.

❖

ستل نيڪ سيرت ماڻهوءَ کي جاڳائڻ گهرجي، جيئن هو
'خدا' جو نالو وٺي.
بدنيت ماڻهو، شينهن ۽ نانگ، انهن ٽنهي جي ستل هئڻ ۾
ئي چڱائي آهي.

❖

ٽوڪ

ٻين جون ٻچڙايون ڏسي، ماڻهو ٽوڪيندا وتندا آهن.
ڪين پنهنجون خرابيون ياد ٿي نہ پونديون آهن، جن جي نہ اڳياڙي هوندي آهي، نہ پڇاڙي.

❖

هزارين گنهگارن سان ملي وٺ، پر ڪنهن ٽوڪباز سان نہ مل.
پڪ سمجهہ تہ ٽوڪيندڙ جي سر تي ڪروڙين گنهگارن جو بار ستيل هوندو آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏن ۽ دولت

ڏن ۽ ڀاڃولو هڪ جهڙا اٿئي، اها ڳالهه ڪو ڪوئي سمجهي ٿو.
اهي نيڪ فطرت ماڻهن جي پويان رهندا آهن ۽ جيڪو انهن
جي پٺيان ڊوڙندو وتي تنهن کان ڀڄندا آهن.

❖

دولت ته خدا جي ئي آهي، دنيا وارا انهيءَ جي پويان هرويرو ٿا
ڊوڙن.
انهيءَ جي جنهن کي اجازت امانت طور ملندي آهي، سا امانت
ڪري کپائڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪونهي.

❖

نشو گهٽن ئي قسمن جو هوندو آهي- انهيءَ ڳالهه کي ڪير به نٿو
ڄاڻي.
ماڻهن ۾ اندر جو نشو يعني غرور، دل البيليءَ جو نشو، ذات جو
نشو ۽ دولت جو نشو به هوندو آهي.

❖

ڪبير کي خدا جي نالي جو نشو آهي، ٻئي نشي جي ويجهو ئي
ڪين وڃي.
جنهن خدا جي نالي جو مڌ پيتو، اهو ٻئي جي نالي ويجهو ئي
نه ويندو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرافت

جڏهن دل ۾ شرافت ۽ خوش اخلاقي ايندي آهي ته اڻ ڏٺل خدا به نظر ايندو آهي.
خوش اخلاقيءَ ڪان سواءِ ڪو به ان تائين پهچي نٿو سگهي، توڙي ڪهڙي به دعويٰ ڪندو هجي.

❖

سوچ ويچار ڪندڙ ۽ نفسياتي خواهشن تي ڪنٽرول ڪندڙ سخي ۽ بهادر هوندا آهن.
اهڙي طرح ذڪر ۽ رياضت ڪندڙ ته ڪيترائي آهن، پر انهن منجهان اخلاق جو ڏٺي ڪو هڪ اڌ ئي هوندو آهي.

❖

غصو

بدنيت ماڻهن جون ڳالهيون ڳجهن وانگر هونديون آهن،
جن ڏي سڻا ماڻهو ڌيان ئي نہ ڏريندا آهن.
جيڪڏهن سمنڊ وچ ۾ ڪنوڻ ڪري پوي تہ اها سمنڊ جو ڇا
ساڙي سگهندي!

✣

معافي ڏيڻ وڏن ماڻهن جي شان وٽان آهي ۽ ننڍن ماڻهن
جي لاءِ شرارت فطري شيءِ آهي.
جيڪڏهن ’رام‘ وٽان لوڏ جي نڪتو تہ انهيءَ سان ’وشنوءَ‘
جو ڇا بگڙيو.

✣

فياضي

جيڪڏهن ٻيڙيءَ ۾ پاڻي وڌي وڃي يا گهر ۾ دولت اچي وڃي ته ٻنهي ٻُڪَن سان ٻري انهن کي ٻاهر نيئڻ کپي، سئي ماڻهوءَ جو اهوئي ڪم آهي.

✣

جيڪڏهن تن درست آهي ته ان جو خير ڀر يعني خدا کي ياد ڪر- ان جي رضا جا ڪم ڪر.
جيڪڏهن دولت گهڻي آهي ته ان جو خير ڀر يعني ڏيندڙ جي نالي ڏئي ڇڏ.
جيڪڏهن عقل سرس آهي ته ان جو خير ڀر يعني ٻين جي فائدي ۾ استعمال ڪر.
اها ئي زندگيءَ جي اصل حاصلات آهي.

✣

جيڪو ماڻهن ۾ چڱائي ۽ سٺائي ورهائي ٿو ۽ پنهنجي مانيءَ مان ٻه گرهه ڏيئي ٿو ڇڏي.
ڪبير چوي ٿو: اهڙن فياض ٻانهن کي ڪڏهن به ناڪاميءَ جو منهن نه ڏسڻو پوندو.

✣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن ڏسي

سائينءَ جي صورت جو ڪهڙو بيان ڪجي
ڪائنس علاوه ٻيو ڪير آهي جو ڪيس ڏسي سگهي
هو نه ازلي اونڪار آهي نه ويد،
سندس پاڙي جي پروڙ ڪنهن کي ڏجي
هو تارن جو جهرمٽ ناهي، نڪو سج چنڊ
هو پيءُ جي نطفي مان پيدا ناهي ٿيو
ڌرتي پاڻيءَ هوا ٻه هن کي ڪيئن چئجي
ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن ڏسي
هو نه ڏينهن آهي نه ڪي رات
سندس خاندان ۽ ذات ڪيئن ٻڌايان
جهالت مان سُرت جو سوجهرو ڦٽائيندڙ
بي نياز مالڪ تان گهور وڃان
جنهن جو ڪو به ثاني ۽ مٽ ڪونهي.

موت کان مٿانهون مالڪ

اي سنتو! اڇٽي وڇٽي عارضي شيءِ کي مايا سمجهوتا.
ماڻهوءَ جو اصل حاصل تہ ان جو مالڪ پالڻهار آهي، مايا
اڇٽي وڇٽي آهي ۽ مالڪ موت کان مٿاهون آهي.
نہ ڪيڏي ويو آهي، نہ ڪي ڪتان آيو آهي
ڪبير چوي ٿو: سنتو! ٻڌي ڇڏيو تہ جيڪو پيدا ٿيو آهي ۽
فنا ٿيندو اهو مالڪ نہ ڪو ٻيو هوندو.

❖

عجب جهڙو آهي

سموري دنيا ۾ هر وقت جو هڪ ئي احساس موجود آهي ۽
هڪ ئي نانءُ آهي جيڪو سيني کي وڙهي ٿو، اُن کي نہ نر
چئبو نڪي ناري
هو هر روپ ۾ ڪائنات ۾ سمايل آهي
هو نہ اڄ ۽ ڀڪ آهي ۽ نڪي اس ۽ ڇانءُ آهي
ڏک ۽ سک، اميد ۽ سهارو هن لاءِ هر هنڌ جايون جوڙيون
ويٺا آهن
هو لامحدود ڏيک آهي، هن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي
ڪبير پڪاري چوي ٿو: هو عجب جهڙو آهي.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهو ڪي سمجهن

پڇيائون: بابا! وسهڻ ۽ ڏسڻ ڪان مٿيرو خدا
ڪهڙو آهي؟
ڪين سمجهايم تہ ڏسڻ ۾ اچي تو سو هُو ناهي
۽ جيڪو آهي، اهو چئي نٿو سگهجي.
مان لفظن ۽ اشارن ۾ سندس صفتون ڪيئن بيان
ڪيان
گونگو ڳڙ کائي ان جو ذائقو ڪيئن ٻڌائي
نہ هو اکين سان پسجي تو، نہ ڪي سندس احاطو
هن جي ڪا بہ پڇاڻي ڪانهي
هو سيني ڪان نرالو آهي
منهنجي گروءَ مون کي ائين ئي سمجهايو آهي.
پنڊتو! ان تي غور ويچار ڪريو
ڏسڻ بنا يقين ڪو نہ تو اچي تو
چوان تو تہ ڪير وسهي نٿو
جيڪڏهن ڪو سمجهو هوندو تہ ڳالھ جي تہ تائين
پهچي ويندو
اڻچاڻ ڏندين آڱرين ڏيو وڻنو هوندو،
ڪو قبلي تي خدا کي پڪاري تو

ڪن بُت ٺاهي ڇڏيا آهن
پر هو ٻنهي صورتن کان نرالو آهي
اها ڳالهه ڪي سمجهوئي سمجهي سگهن ٿا.
قاضي قرآن ۾ ڪتابن جو ڳالهيون ٿو ڪري
پنڊت ويد پراڻن جا حوالا ٿو ڏئي
پرُهو ته سُر آهي جيڪو ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي
ان تي ڪا به ماترا ڪا نه ٿي لڳي!
روح جو آواز ڪنايم، ٻڌايم، پڙهيم پروڙيم، سڀ حيلا هلائي ڏٺم، پر
ڪبير چوي ٿو، جن ان جي اسم جي آهنگ کي سڃاتو ۽ ان جي صفتن سان پاڻ کي هم آهنگ ڪيو.
اهي ئي فنا جي چڪرن ۾ نه پيا.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنڌين ماڳين هُو

اي پيارا، خدا سان لنئون لڳاءِ!
تو کي ڪيئن ڏسيان ته ڪيس ڳهرائيءَ سان سمجھ!
جيڪڏهن چوان ٿو ته هو ٻاهر آهي ته
مان پنهنجي عظيم مرشد آڏو شرمندو ٿيندس
جيڪڏهن چوان ٿو ته هو اندر آهي ته ڪوڙو ٿو ٿيندس
هو اندر ٻاهر هر جاءِ وسي ٿو، مون کيس پنهنجي مرشد جي
معرفت ڏٺو آهي
عام اکين سان نه ڏسڻ ۾ ٿو اچي، نڪي سنڌس احاطو ممڪن آهي
وسهڻ ۽ ڏسڻ کان مٿيرو به ڪونهي
هن کي ڪتابن ۾ به لکي نٿو سگهجي
جن ماڻهن کيس سڃاتو سي ئي ان کي چڱي ريت ڄاڻن ٿا
اهو اهڙو احساس آهي جنهن کي چوڻ سان ڪو به ويساهه ڪو نه ڪندو
مڇي ترندي پاڻيءَ ۾ گس ٺاهيندي ويندي آهي
ڪيس خبر ناهي ته حتمي گس ڪهڙو آهي
بس اهو هڪ احساس آهي جيڪو گلن جي خوشبوءِ کان به
ڪومل آهي
پکيئڙو آڪاش ۾ اُڏامڻ کانپوءِ ڏسڻ ۾ ئي نه ايندو آهي.
يعني ڄاڻندڙ پاڻ به گم ٿي وڃي.
ڪبير چوي ٿو: سڄي دنيا فنا ٿي ويندي پر اهو مالڪ ئي فنا ٿيڻو ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدرت جا کيل نرالا

اي روح رتا فقير! قدرت جا کيل نرالا آهن
اها پينو تي ڪرم ڪري ڪيس بادشاهه
۽ بادشاهه کي پينو بڻايو ڇڏي!
لؤنگ جي ٻوٽي کي ڏس! ميوو ڪو نہ ڏيندو آهي
چندن جي وڻ کي گل ڪو نہ ٿين.
مڇيءَ جو شڪاري ٻيلي ۾ گهمندو وتي
۽ شينهن سمنڊ ۾ جهولو پيو جهولي!
ارنڊيءَ جو سُڪل وڻ صندل بڻجي پيو
نابين ٻنهي جهانن ۽ سموري تخليق جو تماشو پيو ڏسي
جڏڙو جبل جهاڳي ويو ۽ ٽنهي دنيائن ۾ آزادي سان
گهمندو وتي
گونگو دنيوي ۽ روحاني علمن جون سمجهاڻيون پيو
ڏي
۽ روحاني ٻول پيو ٻولي!
خدا آسمان کي ويڙهي پاتال ۾ اُماڻي ڇڏيو آهي
۽ ڪين جهڙي ذري کي بهشت جي بادشاهي ڏيو ڇڏي
ڪبير چوي ٿو: اهو مالڪ بادشاهه آهي جيئن وڻيس تيئن
ڪري.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائينءَ تان صدقي

صدقي وڃان سائينءَ تان، جنهن عشق جي هيءَ واٽ پسائي
سندس سونهن جو ڪهڙو بيان ڪيان
منهنجي وس ڪان مٿي آ.
هو اهو ڏيئو آهي، جيڪو لاٽ ڪانسواءِ روشن آهي
هنج اُجرائي سندس قربت حاصل ڪن ٿا
۽ اهڙا اجرا ماڻهو ڪيس پاڻ ۾ سمائي سڪون ماڻن ٿا
سندس پدم انهن کي ٻانت ٻانت جا ڪرڻا پسائي ٿو
۽ هن جي سر تي ڇٽ سونهي ٿو
هن جي هڪ معمولي تند ۾ ڪروڙين سج چنڊ ۽ تارا
موجود آهن
جڏهن هو ڪائنات جي حسناڪين ۾ کلي ڳالهائي ٿو ته
سمجهو سالڪ کي راحت نصيب ٿئي ٿي
جنهن اهو ڄاڻي ورتو ته هو سندس حصو آهي
تنهن زندگيءَ ۾ نجات حاصل ڪري ورتي.
ويد چوڏهن دنيائن تائين پکڙيل آهن
جتي وقت جو راڄ آهي
جن انهن دنيائن کي اورانگهي اڳتي وک وڌائي

اهي ئي سندس دنيا تائين پهچي سگهن ٿا.
جن ماڻهن اُن مالڪ جا رنگ روپ سمجهي ورتا
تن کي چوٽڪارو نصيب ٿيو
ڪبير چوي ٿو: بنيادي سچائي جو ڏس ويدن ۾ به ڪو نه ٿو
ملي.
❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها هُو ڇڏي ڏي

ناسوت، ملڪوت، جبروت، لاهوت
اهي سموري ها هُو ڇڏي ڏي
عشق جي واٽ تي سڀ سک ۽ سگ ڇني ڇڏ
۽ قربانيءَ جي آڙاهه ۾ ٽپي پؤ
اُتي ئي مالڪ ملندئي، اها ئي تنهنجي جنت آهي
اُتي پنهنجي جڳهه جوڙي ويهه!
ڪبير چوي ٿو اتي بهشت دوزخ جي ان جي وصل
ڪانسواءِ ڪجهه بہ ناهي اُتان جي اسرار ڪي ويد، قرآن ۽
قاضي بہ ڪو نہ ٿا ڄاڻن.

❖

امرپور

جتي سدائين بهارون آهن
اهو امرپور جو ڳوٺ سڌجي ٿو
اُتي ڳٽتي ڳاراٽو آهي ئي ڪو نہ
نہ بيماري نہ ڏک سور، هر ماڻهو خوش آهي
اُتي نہ سج چنڊ آهي نہ ڏينهن رات
اُتي رنگ نسل جي ڪا بہ وچوٽي ڪانهي،
نہ پيدا پو نہ موت، هر ڪو ڪلندو ڪڏندو ٿو وتي
اهو اهڙن گلن جو گهر آهي، جيڪو سدائين روشن
رهي ٿو
اُتان جا ماڻهو آب حيات اوتي پيئن ٿا
سائين جي سونهن بي مثال آهي
جنهن مان سورهن سج اُڀرن ٿا
اُجرو هنج اُپ تي اڏامندو ويندو آهي
۽ آڪاش ۾ تاري جيئن ٽمڪندو نظر اچي ٿو
ان ماڳ تي انتهائي سرهي خوشبو پکڙيل هوندي آهي
شاهہ ۽ گدا ۾ ڪو بہ فرق ناهي
اتي بهشت دوزخ ڪو نہ ٿا ورهائجن
سيئي ماڻهو مٺڙا ٻول ٻولين ٿا
ڪبير چوي ٿو: اسان جي اڱڻ تي اهڙو آرام آهي
جو روح رهاڻيون ڪٿن ئي ڪو نہ ٿيون.

ڏاهپ / اخلاقيات

مثنوي رومي (مڪمل ڇهه دفتر)

مولانا جلال الدين رومي/ مولانا محمد رمضان مهيري

مشرق جي ڏاهپ، اخلاقياتي ۽ سڌارڪ ڏارا جو شهپارو، انساني نفس جي اصلاح ۽ اخلاقن جي سڌاري جي باري ۾ جيڪو ڪهاڻين جو طريقو مثنويءَ اختيار ڪيو، سو اڄ به ايترو ئي مؤثر آهي. صفحا: 832 ملهه: -/800 رپيا

مثنوي رومي (اختصار)

مولانا جلال الدين رومي/ غلام محمد شاهواڻي

مشرق جي ڏاهپ، اخلاقياتي ۽ سڌارڪ ڏارا جو شهپارو. مثنويءَ جي ٽن دفترن جو تشريحي ترجمو.
صفحا: 350 ملهه: -/ 220 رپيا

روميءَ جون رهاڻيون

احمد خان آصف مصراڻي

مثنوي روميءَ ۾ بيان ڪيل مڪمل ڪهاڻيون جن جي هڪ هڪ سٽ اخلاقي هدايتن جون سرچشمو ۽ صوفياڻي سرمستين جو ڀنڊار آهي. صفحا: 260 ملهه: -/200

سعديءَ جون رهاڻيون/بوستان

شيخ سعدي شيرازي/ محمد عثمان عباسي

شيخ سعديءَ جي ڪتاب بوستان ۾ آيل حڪمت ڀريل ڪهاڻين جو سولو سنڌي ترجمو مشرقي ڏاهپ جو شاهڪار دستاويز. صفحا: 150 ملهه: -/130

سعديءَ جون رهاڻيون/گلستان

شيخ سعدي شيرازي/ محمد عثمان عباسي

شيخ سعديءَ جي ڪتاب گلستان ۾ آيل حڪمت ڀريل ڪهاڻين جو سولو سنڌي ترجمو مشرقي ڏاهپ جو شاهڪار دستاويز. صفحا: 150 ملهه: -/130

تهذيب اخلاق

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

دنيا ۾ چين به مشرق جي ڏاهپ جو روشن ستارو رهيو آهي، مرزا قليچ بيگ چيني ڏاهپ جي شاهڪار جو سنڌي ترجمو ڪري سنڌي پڙهندڙن کي انسان جي خود شعوري، خدا شناسي ۽ زندگيءَ جي حسناڪين کان روشناس ڪرايو آهي. صفحا: 96 ملهه: 60 رپيا

تصوف / فلسفو

تصوف جي تاريخ

پروفيسر يوسف سليم چشتي/ عبدالجبار "عبد"

تصوف ڇا آهي؟ تصوف جو انساني زندگيءَ تي اثر، تصوف جا مڪتب ۽ دنيا جي وڏن صوفين جي تفصيل ۽ تاريخ تي شاهڪار ڪتاب جو ترجمو. صفحا: 472 ملهه: -/350

تصوف جون تجليون

محمد فتح الله گيولن/ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

تصوف جي ٽيڪسٽ بوڪ جنهن ۾ تصوف جي بنيادي تصورن جو تعارف، ان جون گهرجون ڇا آهن؟ ۽ هو نتيجا ڪهڙا ڏئي ٿو؟ دنيا جي مشهور صوفين ۽ صوفي نظرين جي روشنيءَ ۾. صفحا 320 ملهه: -/250 رپيا

غير سامي مذهبن جا باني

الطاف جاويد/ جاويد ميمڻ

اوڀارين وڏن مذهبن جي باني رهنمائن جون حياتيون، افڪار ۽ انساني سڌاري لاءِ سندن ورتل ڪوششون.
صفحا: 96 ملهه: -/175 رپيا

دنيا جا وڏا مذهب

سنڌيڪار: محمد انس راڄپر

عالمي مذهب جي حيثيت حاصل ڪندڙ مذهبن انسانيت کي ڇا ڏنو ۽ اهي مذهب ايندڙ دور ۾ انسانيت کي ڇا ڏئي سگهندا؟ صفحا: 250 ملهه: -/300 رپيا

خدا، سائنس ۽ فلسفو

سنڌيڪار ۽ سهيڙيندڙ: عبدالموءمن ميمڻ

دنيا جي وڏن فلسفين، سائنسدانن خدا، ڪائنات ۽ انسان جي باري ۾ ڇا سوچيو ۽ محسوس ڪيو؟
صفحا 206، ملهه -/150 رپيا

سوفيءَ جي دنيا

جوسٽين گارڊر/ ممتاز بخاري

ڪائنات، فلسفي ۽ سائنس جي وڏين باريڪ بينين کي ناول جي صورت ۾ سولو ڪري سمجهائيندڙ ويهين صديءَ جي آخر جو شاهڪار ڪتاب. ملهه: -/600 رپيا

ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي: روم نمبر B24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ ڪراچي 74400
فون: 32737290_021 ويب سائيٽ: www.sindhica.org اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com
حيدرآباد: سنڌيڪا بوڪ شاپ، نمبر 5 ميزنائن فلور حيدرآباد ٽريڊ سينٽر حيدر چوڪ حيدرآباد
فون: 03133692150 _ سکر: سنڌيڪا بوڪ شاپ 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ فون: 03352233803

Sindhica سنڌيڪا
سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

كيمياءِ سعادت
مثنوي رومي
تصوف جون تجليون
تصوف
صوفي شاهه عنايت شهيد
بوستان
گلستان
تصوف جي تاريخ
شاهه لطيف وٽ عشق جا 10 اصول
نور احمد ميمڻ
شاعري جو سجدو
سرتاج شاعر
شاهه عبداللطيف ڀٽائي
شاهه لطيف جو تصور ڪائنات
معجزا
اوهان لاءِ منتظر آهن
miracle
اوهان ڏانهن
فلسفو
فڪري تحريرون
سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Sindhica
سنڌيڪا

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاءَ خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu